# شهري

بهتر ماحول لاءِ
جولاءِ کان سيپٽمبر ۱۹۹٦ع

اندرين صفحن ۾
* ماحولياتي تحفظ ۽ ايڊوڪيسي
* رانديڪا ناهڻ لاءِ امريڪي ٺيڪا
* ڪراچي ۾ شور جي آلودگي
* قومي ماحولياتي معيار جو ضروري آهي؟
* پارڪن ۽ راند جي ميدانن جو تحفظ



## گلاس ٽاورز...
## قانون کان به بلندتر

گلاس ٽاورز پراجيڪٽ جي باري ۾ "شهري بهتر ماحول لاءِ" جي خصوصي رپورٽ.

عربي سمنڊ جي ڪناري وارو ڪلفٽن جو علائقو هندستان جي ورهاڱي کان اڳ به هڪ پوش رهائشي علائقو ۽ ڪراچيءَ جو هڪ مقبول تفريح گاهه هو. هڪ سؤ فوٽ ويڪرو روڊ، باٿ آئي لينڊ، فريئر ٽائون ڪوارٽرز کي ڪلفٽن پل جي پرسان (پراڻي) ڪلفٽن ڪوارٽرز ايريا سان ملائي ٿو، جيڪو هن ٽاورن کان اڳتي آهي.

ڪراچي شهر ۾ جيئن جيئن آباديءَ جو دٻاءُ وڌندو ويو، ان جي نتيجي ۾ آءِ آءِ چندريگر روڊ جي ڪاروباري ۽ تجارتي علائقن ۾ وڌيڪ گنجائش ختم ٿيندي وئي، تنهن ڪري ڊيولپرز شهر جي وڏين شاهراهن لڳ اهڙن رهائشي پلاٽن جي ڳولا شروع ڪئي؛ جن کي تجارتي مقصدن لاءِ گهڻ ماڙ عمارتن جي تعمير لاءِ استعمال ڪري سگهجي. بينڪون، صنعتي ۽ تجارتي آفيسون شاهراهه فيصل، عبدالله هارون روڊ، ڊاڪٽر ضياءُ الدين احمد روڊ ۽ ڪلفٽن جهڙن بنيادي طور تي رهائشي علائقن ۾ منتقل ٿيڻ لڳيون، جيئن ته ڪمرشلائيزيشن ۾ منافعي جي شرح ڪجهه وڌيڪ آهي انهيءَ ڪري لاڳاپيل محڪمن ۽ عملدارن کي رشوتون ڏنيون ويون.

### پلاٽ نمبر/٢ ايف ٽي-٣، فريئر ٽائون ڪوارٽرز

گلاس ٽاورز جو داستان هيئن شروع ٿئي ٿو ته پلاٽ نمبر/٢ ايف ٽي-٢، (٦٢٤٤ چورس وال) جيڪو ڪلفٽن روڊ تي واقع آهي، ۱۹۲۰ع ۾ ڪراچي ميونسپل ۹۹ سالن جي ليز تي هوشومل چيلارام ۽ ڪشن چند ليڪراج کي ڏنو هو جنهن جو ساليانو ڪرايو ٦٦ روپيه ٢ آنا ڇهه پئسا هو.

بعد ۾ اهو پلاٽ مهرا ۽ سائرس فرام جي مينولا کي ۽ انڪان پوءِ ۱۹۴۹ع ۾ پاڪستان ٽوبيڪو ڪمپني کي وڪرو ڪيو ويو. جنهن ۾ ان کي موجوده بلڊنگ بائي لاز جي مطابق جيڪي گرائونڊ پلس ٽو رهائشي عمارت جي اجازت ڏين ٿا ان کي پنهنجي آفيس لاءِ استعمال ڪيو.

شهر جي مسلسل وڌندڙ ضرورتن جي ڪري سؤ فوٽ ويڪري ڪلفٽن روڊ کي ۱۹۵۰ع ۾ ۱۲۰ فوٽ ۽ ۱۹۷۹ع ۾ ۱۵۰ فوٽ ويڪرو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. پر پوءِ به ان قانون جي پابندي جي بدران ان جي خلاف ورزي وڌيڪ ٿي. سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول آرڊيننس ۷۹-۸۹ع جي مطابق ڪراچي جي تقريباً ٢۵ وڏن روڊن، جن ۾ ايم اي جناح روڊ، زيب النساءِ اسٽريٽ، پريڊي اسٽريٽ، فريئر روڊ، گارڊن روڊ، نشتر روڊ وغيره شامل آهن، ويڪرو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. پر بلڊرز جي لالچ ۽ ڪي بي سي اي ۽ ٻين سرڪاري محڪمن جي مجرماڻي ڳٺ جوڙ جي ڪري انهن خلاف ورزين جي خلاف ڪابه ڪارروائي نه ٿي سگهي آهي.

### گلاس ٽاورز

پاڪستان ٽوبيڪو ڪمپني لميٽيڊ ڊسمبر ۱۹۹۴ع ۾ هي پلاٽ ميسرز پروگريسو (پرائيويٽ) لميٽيڊ ۸ صباح سينٽر بهادر آباد ڪراچي کي ۷۵۹٦ ملين رپين ۾ وڪرو ڪيو. پر بلڊرز (جعلسازي ڪندي مناف حسين نالي هڪ شخص جي معرفت پاڪستان ٽوبيڪو ڪمپني



قانون جي بالادستيءَ جو ڀڏو مذاق

بيلو هوندو آهي. اهڙين زمينن جا مالڪ به ڀل ڏيندا آهن جن زمينن تي هڪ بوند به پاڻيءَ جي نه ٿي پهچي، جو ته مٿيان وارا وڏا زميندار غيرقانوني طور تي واهن جي پاڻيءَ تي چانور ۽ ڪيلي جا فصل پوکرائين ٿا. واهن ۽ شاخن جي ڪاٽيءَ لاءِ بجيٽ هوندي آهي ته هر سال ڪروڙن جي بجيٽ اچي ٿي، پر اها ڪاٽي ڪڏهن ٿي ٿئي، ان جي خبر ڪنهن کي به نه آهي.

گرميءَ جي شدت ۾ هي به ڏسڻ ۾ آيو آهي ته ڳوٺن ۾ مهينن جا مهينا بجلي ڪونه آهي. جو ته ٽرانسفارمر سڙي ويو ۽ واپڊا جا اهلڪار ۽ آفيسر ٽرانسفارمر ٺيڪ ڪرڻ لاءِ هزارن جي رشوت گهرندا آهن. جون جي مهيني ۾ هيءَ ڳالهه عام هوندي آهي ته ڳوٺن جا ڳوٺ بجليءَ کان محروم هوندا آهن، ان ڪري جو ڪجهه ماڻهو بلن جي ادائگي نه ڪندا آهن. رستن ۽ عمارتن جي تعمير ۾ جيڪي بدعنوانيون ٿينديون آهن، انهن تي ته ڪتاب لکي سگهجن ٿا. هر رستي ۽ عمارت جي پنهنجي تاريخ آهي. ڇوڪرين جي اسڪولن ۾ ڀاڻ جو گودام ۽ اوطاقون به اهڙيون اڻلڀ ڳالهيون نه آهن. بنيادي صحت جي مرڪزن ۾ ڊاڪٽرن ۽ دوائن جو هجڻ به معجزي کان گهٽ نه آهي. استاد اسڪول جي ٽائيم دوران ٽيڪسيون يا دڪان هلائيندي ڏٺا وڃن ٿا. تعليم ۽ صحت ته اهڙا شعبا آهن جن تي ڊار ڊار ڳالهه ٿي سگهي ٿي.

هتي جيڪو ڪجهه چيو ويو آهي، اهو ان فلم جو هڪ ننڍڙو ٽيلر آهي، جيڪو هر وقت اسان جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ هلندو پيو رهي. ڦري گهري سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا غيرسرڪاري تنظيمون ٽيوشن سينٽر، ڊسپينسريون ۽ ڪچا رستا ٺاهي، انهن پراڻن ۽ گهڻ طرفن مسئلن کي حل ڪري سگهن ٿيون ۽ جيڪڏهن نه ته ڇا انهن مسئلن جي حل ڪرڻ کان سواءِ سماجي تبديليءَ جو خواب پورو ٿي سگهي ٿو؟

ٽه ماهي اخبار جي ٽورن سان...

# ماحولياتي تحفظ ۽ ايڊووڪيسي

**ماحولياتي بگاڙ جي خلاف جدوجهد جي لاءِ هي ضروري آهي ته معلومات عوام تائين پهچائي وڃي. نويد حسين پاڪستان جي سياسي، معاشرتي ۽ معاشي صورتحال جي تناظر ۾ ماحولياتي ايڊووڪيسي تي روشني وجهي ٿو.**

عوامي مسئلن جي وڪالت سڄي دنيا ۾ ڪئي وڃي ٿي، پر اها مخصوص معاشرن ۽ ان جي ادارن ۾ ڪئي وڃي ٿي. تنهن ڪري حڪمت عملي تي غور ڪرڻ کان پهريائين ٻنهي مسئلن يعني ايڊووڪيسي ۽ ماحول جو ڊار ڊار جائزو وٺڻ ضروري آهي. اهو ڪرڻ ناگزير آهي، ڇو ته وڪالت ۽ ماحول ٻنهي کي پاڪستان جي سماجي ۽ اقتصادي پس منظر ۾ ڏسڻو پوندو. ترقي يافته ملڪن جي ابتڙ اسان ترقي پذير ملڪن جي ماڻهن کي شديد پابندين ۽ محدود وسيلن جي اندر رهندي ڪم ڪرڻو پوي ٿو.

تعريف جي مطابق ايڊووڪيسي نالو آهي ڪنهن حقيقي يا متوقع تڪليف يا شڪايت جي درست ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ جو. ان ڪم ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج وڏيون رڪاوٽون آهن. پهريائين اسان وٽ سنڪيت ۽ لاپرواهي آهي. جنهن جي ڪري راءِ عامه ۽ حمايت کي متحرڪ ڪرڻ گهڻو مشڪل آهي، جيڪا ان روئي سان پيدا ٿئي ٿي ته، "ڪهڙو فائدو ڪجهه به ته تبديل نه ٿيندو." هي رويو ڊگهي عرصي تائين سياستدانن، مملڪت، ذرائع ابلاغ، مذهبي اڳواڻن ۽ ٻين عام راءِ جي ليڊرن هٿان وري وري ڇوٽون کائڻ ۽ دوکي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيو آهي. ان جو نتيجو هي نڪتو آهي ته عوام حقيقي ڪوشش تي به شڪ ڪن ٿا ۽ ڪڏهن ته انهن ماڻهن تي به شڪ ۽ شبهي جو اظهار ڪيو ويندو آهي، جيڪي تبديلي اڻڻ جي حمايت ڪندا آهن .

ٻيو هي ته هي هڪ اهڙو معاشرو آهي جتي خواندگيءَ جي شرح صرف ٢١ سيڪڙو آهي. عوام جو هڪ وڏو حصو انتهائي غربت واري حالت ۾ گذاري ٿو. جتي سڄي جدوجهد فقط زندگيءَ جي بقاءَ لاءِ آهي. جتي ماحولياتي مسئلا ترجيحن جي فهرست ۾ مٿي نه آهن. هي ڇوڻ انتهائي سادگي نه آهي ته جهالت ۽ غربت ناروداري کي وڌائين ٿيون. اصل مسئلا يعني ماحوليات ۽ انساني حقن جو احترام وغيره کي نان ايشوز (غيرحقيقي مسئلا) جي پردي ۾ لڪايو وڃي ٿو. ايڊووڪيسيءَ جي لاءَ عوام جي حمايت جي ضرورت پوندي آهي ۽ جڏهن قوم نسلي، فرقيوارانه ۽ جنس جي بنياد تي ورهايل هجي ته هي ڪم اجا وڌيڪ مشڪل ٿي ٿو وڃي.

ٽيون پاڪستان جيئن ته اڃا تائين هڪ نيم قبائلي ۽ جاگيردارانه معاشرو آهي، ان ڪري نتيجو هي نڪتو آهي ته رياست ۽ ان جي ادارن ۾ هڪ پدري رويو پيدا ٿي ويو آهي ته، "مان سڀني کان وڌيڪ ڄاڻان ٿو." هتي حڪومت جي پاليسين ۽ موجوده صورتحال جي باري ۾ سوال ڪرڻ غيرمعمولي ڳالهه سمجهي ٿي وڃي. شهرين جي حقن جي تحفظ جي سلسلي ۾ مملڪت جي حمايت درڪار هوندي آهي ۽ اسان جي ملڪ ۾ ان جو فقدان آهي. حقيقت ته هيءَ آهي ته سياستدان ۽ آفيسر مفادپرستن سان ملي ۽ سنڌن سرگرمين ۾ شريڪ ٿي ماحولياتي بربادي‌ءَ مان فائدا حاصل ڪن ٿا.

چوٿون معاشري جو هڪ ننڍو پر طاقتور طبقو هر معاملي ۾ پنهنجي من ماني ڪرڻ جو ايترو ته عادي آهي جو اهو پوري معاشري ۽ ماحول جي قيمت تي به پنهنجي مرضيءَ مطابق راهه اختيار ڪري ٿو. ڇو ته هي طبقو سمجهي ٿو ته، غير قانوني طور تي به مالي فائدا حاصل ڪرڻ ان جو حق آهي. جنهن جو نتيجو هي نڪتو آهي ته معاشري جي ان طبقي کان شايد ئي ڪا حمايت ملي سگهي. جيڪي ماڻهو ايڊووڪيسي ڪري رهيا آهن. اصل ۾ اهي موجوده صورتحال کي چئلينج ڪري رهيا آهن ۽ اهي ان مسئلي جو حصو بڻجي ويا آهن.

اسان وٽ انحصار جو ڪم آهي. هي انحصار معاشري جي ان طبقي جي حوالي سان آهي جيڪو مسئلن جي حل جي لاءِ صرف مسلسل حڪومت جي طرف ڏسندو رهندو آهي. ان هلاڪت واري روئي مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو ۽ شهرين کي هي احساس ڪرڻو پوندو ته اهي پنهنجي زندگي خود سنوارين. پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ سگهن، بجاءِ رياست يا ڪنهن ٻاهرين مداخلت جي ڪارروائي جو انتظار ڪرڻ جي.

ماحولياتي تحفظ جي لاءِ مستقل ترقيءَ جي ضرورت آهي. نسلن جي وچ ۾ مساوات هڪ

اهڙو مسئلو آهي، جيڪو هاڻي وڏيڪ چٽو ٿي سامهون اچي رهيو آهي، جو ته هاڻي هيءَ ڳالهه تسليم ڪئي وئي آهي ته ترقياتي حڪمت عملي طئي ڪرڻ وقت قدرتي وسيلن جي حوالي سان ايندڙ نسلن جي ضرورتن جو به خيال رکيو وڃي.

انهن حقيقتن کي نظر ۾ رکيو وڃي ته پاڪستان جي آبادي ١۴٠ ملين آهي ۽ اسان کي هر سال 4.25 ملين وڌيڪ ماڻهن جي خوراڪ جو انتظام به ڪرڻو آهي. آبادي لائق زمين تي تمام گهڻو دٻاءُ آهي ۽ ملڪ هاڻي به ۽ ايندڙ وقت ۾ به وڌيڪ کاڌي وارين شين جو امپورٽر بڻجي ويندو.

جيڪڏهن ناخواندگي، آباديءَ ۾ بي پناهه واڌ ۽ آمدنيءَ ۾ تفاوت جي موجوده سطح برقرار رهي ته ماحول تي وڌيڪ دٻاءُ پوندو جو ته زمين ۽ ان جي محدود وسيلن تي دٻاءُ وڌندو ويندو.

شهري علائقن ۾ ماحولياتي بگاڙ جي نتيجي ۾ ڪچيون آباديون وڌي رهيون آهن ۽ آبادي پڻ وڌي رهي آهي، جيڪا نه صرف پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ سيوريج جي سهوليتن کان محروم آهي، پر ڪنهن منصوبابندي کان بغير وڌي رهي آهي. اندازو لڳايو ويو آهي ته 2000ع تائين شهرن ۾ تيزيءَ سان آبادي جي لڏپلاڻ جي ڪري ١٦٥ ملين آباديءَ جو ۴٥ سيڪڙو شهرن ۾ رهي رهيو هوندو.

هڪ اهڙي دنيا ۾ جيڪا ماحول جي باري ۾ وڌي فڪرمند آهي، جيڪي قومون پنهنجي ماحول ۽ انساني حقن جي مسئلن کي نظرانداز ڪنديون، اهي سرمائيڪاري تائين رسائيءَ جي معاملي ۾ دنيا کان الڳ ٿلڳ ٿي وينديون. ماحولياتي انحطاط جي ڪري برآمدي مارڪيٽن يا سرمائيڪاري کان محروم ٿي وڃڻ جو عمل ته پهريائين شروع ٿي چڪو آهي ۽ ماهيگيري جي شعبن ۾ نوٽيس ڏنو ويو آهي. هاڻي سوال هي آهي ته

> جيڪڏهن ناخواندگي، آباديءَ ۾ بي پناهه واڌ ۽ آمدنيءَ ۾ تفاوت جي موجوده سطح برقرار رهي ته ماحول تي وڌيڪ دٻاءُ پوندو.

اسان بهتر ماحول جي ايڊووڪيسي ڪيئن ڪريون؟ بظاهر ته رستو هي آهي ته پرنٽ ميڊيا جي ذريعي پر هڪ اهڙي معاشري ۾ جتي خواندگيءَ جي شرح گهٽ هجي، اهو پيغام محدود حلقي تائين پهچي سگهي ٿو. ان کان پوءِ سيمينار، ورڪشاپس ۽ عوامي گڏجاڻيون اچن ٿيون، جيڪي به عوام جي هڪ محدود تعداد کي Cover ڪري سگهن ٿيون. البته اهي اهڙن فورمز جو ڪم انجام ڏيئي سگهن ٿيون، جتان عام شعور بيدار ڪرڻ، معلومات ڦهلائڻ ۽ فيڊ بيڪ ڪرڻ جو ڪم ڪري سگهجي. عوامي نمائندن سان رابطو بظاهر ايڊووڪيسي جو هڪ سڌوسادو طريقو آهي. پر اسان جي ملڪ جي مخصوص حالتن ۾ هي به محض وقت جو زيان آهي، جو ته اسان جا عوامي نمائندا نان ايشوز ۾ ڦاٿل رهن ٿا يا اقتدار جي رساڪشيءَ ۾، تنهنڪري انهن جون دلچسپيون ۽ فوڪس ڪي ٻيا آهن.

فلم شوز ايڊووڪيسي جو هڪ پرڪشش، معلوماتي ۽ تفريحي ذريعو بڻجي سگهن ٿا. هڪ اهڙي معاشري ۾ جتي تعليم تائين هر ماڻهوءَ جي پهچ نه هجي، هي هڪ طاقتور هٿيار بڻجي سگهي ٿو. ٽي وي جي ميڊيا هاڻي به اين جي اوز جي دسترس ۾ نه آهي، جو ته هيءَ رياست ۽ طاقتور مفادن وارن لاءِ هڪ مؤثر خطرو بڻجي سگهي ٿي.

جڏهن طاقتور مفادن سان مقابلو هجي ته اهڙي صورت ۾ ٻين شهري تنظيمن سان رابطو ۽ لاڳاپو ضروري آهي. انهيءَ ڪري هڪ وسيع تر پليٽ فارم تشڪيل ڏيڻو پوندو. ان جو هڪ مثال هي آهي ته گذريل سال 'شهريءَ' ڪراچي ماس ٽرانزٽ پروجيڪٽ جي باري ۾ بحث جي لاءِ پليٽ فارم جي قيام ۾ مدد ڏني. 'شهري' ان پروجيڪٽ جي روٽس تي ماحولياتي نتيجن جي باري ۾ ناخوش هئا ۽ ان سلسلي ۾ وڌيڪ ٽرانسپيرنسي چاهين پيا. انهن جو مطالبو هو ته منصوبي تي نظرثاني ڪئي وڃي ۽ سرڪلر ريلوي کي ڪي ايم ٽي پي سان مربوط ڪيو وڃي، جيڪو گهٽ لاڳت سان ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح عوام جي دٻاءُ جي ڪري عالمي بئنڪ کان هڪ ارب ڊالرن جو قرض وٺڻ کان بچي ويا ۽ آخرڪار عالمي برادري ان منصوبي ۾ سرمائيڪاري جي پيشڪش ڪئي.

ملڪ جي سينئي حصن ۾ شاخون قائم ڪري پبلڪ آئوٽ ريچ ۾ اضافو ڪري سگهجي ٿو ۽ ان سان تنظيمن جي عدم مرڪزيت ۾ به مدد ملندي. قانوني وڪالت هن ملڪ ۾ هڪ سست رفتار ۽ مهانگو طريقو آهي. وڌ ۾ وڌ حڪم امتناعي (Stay Order) وٺي سگهجي ٿو پر اڪثرڪري ان جي به خلاف ورزي ڪئي وڃي ٿي، جو ته عدليا کي به پنهنجي عدالتي حڪمن تي عملدرآمد لاءِ رياستي ادارن تي ڀاڙڻو ٿو پوي.

اين جي اوز وٽ محدود فنڊ هوندا آهن، انڪري اهي وڏيون رقمون لڳائي نٿيون سگهن. عوامي ايڊووڪيسيءَ لاءِ هي ضروري آهي ته هڪ مخصوص صورتحال سان ڪهڙي طرح نبيرو ڪيو وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ وسيلن ذريعي ڪهڙي طرح پنهنجو مقصد حاصل ڪيو وڃي.

انساني وسيلن جو بدل ڪابه شيءِ نه آهي، جو ته جيڪڏهن عوام کي متحرڪ ڪرڻ ۾ ڪاميابي ٿي وڃي ته گهڻيون ئي مشڪلاتون حل ٿي سگهن ٿيون. انڪري مهمون يا ڪميونٽي ڊيولپمينٽ ورڪ عوام کي متحرڪ ڪرڻ جا سڀ کان وڌيڪ مؤثر ذريعا آهن. جن جي ذريعي انهن کي مسئلن سان منهن ڏيڻ جو طريقو سمجهايو وڃي ٿو. پاڪستان جا ڪجهه نمائشي منصوبا مثلاً اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ وغيره اين جي اوز جي ڪم جي حوالي سان علائقي ۾ موجود آهن.

ڪميونٽي جي ڪم جي لاءِ روئي جو مسئلو پڻ گهڻو اهم آهي. ڪميونٽي سان گڏ ڪم ڪندي، اسان کي پنهنجي محدود وسيلن کي پيش نظر رکڻ گهرجي ته جيئن مقصد حقيقت پسندانه هجن. جيڪڏهن غيرحقيقت پسندانه مقصد هوندا ته ان ۾ ناڪامي ۽ مايوسي کي منهن ڏيڻو پوندو. اهڙيءَ طرح اسان جنهن ڪميونٽي سان گڏ ڪم ڪريون ٿا ان جي باري ۾ اسان جو رويو همدردانه ۽ مفاهمت وارو هئڻ گهرجي.

آخر ۾ هي ٻڌائڻ به ضروري آهي ته ماحول جي وڪالت به انساني، اقليتي حقن جي وڪالت يا اخبارن جي لاءِ ڪم ڪندڙن وانگر ايڊووڪيسي ڪرڻ وارن جي لاءِ حقيقي خطرن واري ٿي سگهي ٿي.

ماحولياتي بگاڙ سان تمام گهڻي دولت ڪمائي وڃي ٿي ۽ ان ذريعي کي ختم ڪرڻ لاءِ تمام طاقتور گروهن سان مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. ظاهر آهي ته ڪوبه فرد يا اين جي او اهڙي صورتحال پيدا نه ڪندي، جنهن سان انساني حياتين کي خطرو هجي. پر مفادپرستن کي سخت پيغام ڏيڻ لاءِ به اهڙيون حالتون هونديون آهن، جتي حقيقي محاذ آرائي ٿيندي آهي. جيڪڏهن ڪوبه شهري گروپ ان خطرناڪ صورتحال جو مقابلو ڪري فتح حاصل ڪري ٿو ته ان جو مطلب هي ٿيندو ته ان هارايل علائقو وري فتح ڪري ورتو آهي ۽ هيءَ انهيءَ ڪميونٽيءَ جي حقيقي فتح هوندي آهي.



# رانديڪا ٺاهڻ لاءِ آمريڪي ٺيڪا

غريب ايشيائي ملڪن ۾ رانديڪا ٺاهڻ وارن کي ٿورڙو معاوضو ڏنو ٿو وڃي. اسان جو مطالبو آهي ته ايشيا ۾ مزدوريءَ جا مناسب معيار اختيار ڪيا وڃن.

مون کي تنهنجي دڪان جا رانديڪا نه کپن. گذريل سال هيءَ ڳالهه الي نوائي ڪان هڪ ڏهن سالن جي ٻارڙي ارڪنساس سان تعلق رکندڙ رعايتي اگهن واري دڪان جي سلسلي ۾ وال مارٽ کي لکي. ان ٻارڙي ٿائيلينڊ ۾ تيار ٿيل "پاور رينجر" واپس ڪري ڇڏي.

وال مارٽ کي ان ٻارڙي جو هي خط صارفين لاءِ هڪ تحريڪ جو حصو هو جنهن ۾ انساني حقن جا ڪارڪن، رانديڪا ٺاهڻ وارين انهن ڪمپنين کي نشانو بڻائڻ چاهين ٿا، جيڪي تياريءَ جو ڪم ايشيا ۾ ٺيڪي تي ڏين ٿيون. هنن جو مطالبو آهي ته هي آمريڪي ڪمپنيون اهڙو ضابطہ اخلاق ٺاهين جنهن ۾ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته ايشيا ۾ ڪم کي ٺيڪي تي ڏيڻ واري مزدوري ۽ پگهارن کي بين الاقوامي معيارن مطابق پورو ڪيو پيو وڃي.

مزدورن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙن مطابق ايشيا ۾ رانديڪا ٺاهيندڙ، جن ۾ تقريباً ٩٠ سيڪڙو عورتون آهن، گهٽ اجرت تي روزانو ١٠ ڪان ١۴ ڪلاڪ، هفتي ۾ ڇهه يا ست ڏينهن ڪم ڪن ٿيون. انهن مزدورن کي ڪوبہ اوورٽائيم نه ٿو ڏنو وڃي ۽ صحت جي حفاظت، رهائش ۽ علاج جو بہ ڪو بندوبست نه آهي. ڪارخانن ۾ اڪثر ڪري حفاظتي اوزار ۽ سامان بہ نه هوندو آهي.

آمريڪن فيڊريشن آف ليبر اينڊ ڪانگريس آف انڊسٽريل آرگنائيزيشن جيڪي آمريڪا ۾ وڏيون ٽريڊ يونينون آهن، جي شيردل گويو چوي ٿي ته: "آمريڪا ۾ هڪ وچولي طبقي جو ٻار پوري سال ۾ ٣٠٠ ڊالرن ڪان وڌيڪ رانديڪا خريد ڪري ٿو جڏهن ته غريب ايشيائي ملڪن ۾ رانديڪا ٺاهيندڙن کي هڪ ڊالر في ڪلاڪ ڪان بہ گهٽ معاوضو ملي ٿو." جيڪو مناسب نه آهي. اسين چاهيون ٿا ته رانديڪا ٺاهڻ واريون ڪمپنيون ايشيا ۾ مزدوري جا مناسب معيار اختيار ڪن.

ٿائيلينڊ ۽ ايشيا جي ٻين حصن ۾ رانديڪن جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ وارين هزارين ڇوڪرين ۽ عورتن کي ڏينهن ۾ ڇوڏهن ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جو معاضو صرف پنج آمريڪي ڊالر ڏنو وڃي ٿو۽ برسلز ۾ قائم انٽرنيشنل ڪنفيڊريشن آف فري ٽريڊ يونين (ICFTU) جي مطابق ڪيترن ئي ڪارڪنن کي زياده اجرت جي گهرڻ تي نوڪرين مان ڪڍيو وڃي ٿو.

صارفين جا گروپ هي مطالبو ڪن ٿا ته، آمريڪي ڪمپنيون اهڙو ضابطہ اخلاق نافذ ڪن جيڪو اجرت ۽ تحفظ جي قانون جي نفاذ کي يقيني بڻائي. اهي هي بہ چاهين ٿا ته آمريڪي ڪمپنيون انهن قانونن جو جائزو وٺڻ تي رضامند ٿين انهن جو چوڻ آهي ته ايشيا ۾ رانديڪن جا گهڻا ڪارخانا آمريڪا، يورپ يا جپان جي گهڻ قومي ڪمپنين جي ملڪيت آهن يا انهن جي ٺيڪي تي آهن.

آءِ سي ايف ٽي يو جو جنرل سيڪريٽري بل جارڊن چوي ٿو ته: "انهن ڪارخانن ۾ ڪم جي صورتحال بين الاقوامي طور تي مقرر ڪيل بنيادي معيارن تي پوري نه ٿي لهي. گذريل ٻن سالن ۾ چين ۽ ٿائي لينڊ ۾ ٢٥٠ ڪان وڌيڪ مزدور باهه يا ٻين صنعتي حادثن ۾ زندگي ڪان هٿ ڌوئي ويٺا. ٽريڊ يونين وارا ڪارخانن ۾ باهه لڳڻ جي لاءِ گهڻ قومي ڪمپنين ۽ علائقي جي حڪومتن کي برابر جو ذميوار قرار ڏين ٿا."

چين ۽ ٿائي لينڊ جا آفيسر اهو تسليم ڪن ٿا ته صنعتي حادثا ناڪافي حفاظتي قدمن جي ڪري ٿين ٿا. پر اي ايف ايل سي آءِ او جا ڪارڪن چون ٿا ته ٻاهرين سرمائيڪارن کي خوش ڪرڻ لاءِ هي ماٺهو حفاظتي قانونن جي خلاف ورزي کي نظرانداز ڪري ٿا ڇڏين.

رانديڪن جي خلاف اوله جي تحريڪ ۾ ايشيا جي انساني حقن جا مقامي علمبردار سڀ جا سڀ شامل نه آهن. اهي تسليم ڪن ٿا ته حالتون خراب آهن ۽ بهتري اچڻ کپجي. پر انهن جو چوڻ آهي ته، ڪارخانن جي بند ٿيڻ سان هزارين مزدور بي روزگار ٿي ويندا. انهن مطابق

باقي صفحي ١٠ تي

# قومي ماحولياتي معيار ڇو ضروري آهي؟

منير ميمڻ

ماحولياتي گدلاڻ ڇا آهي؟

انساني زندگي سميت سموري جيوت جو آڌار ماحوليات جي معيار تي ٻڌل آهي. ماحوليات جو مفهوم زندگيءَ جي مختلف قسمن جي حوالي سان مختلف ٿي سگهي ٿو، پر منهنجي هن بحث جو موضوع انساني زندگي ۽ ٻني زندگي، جنهن ۾ جانور ۽ ٻوٽا شامل آهن، جيڪي اسان جي بقا ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ تمام اهم آهي، ان حوالي سان ماحوليات ۾ هوا شامل آهي، جنهن سان اسان زنده رهون ٿا، پاڻي آهي جنهن کي اسان ڪيترن ئي مقصدن لاءِ ڪتب آڻيون ٿا ۽ زمين آهي جيڪا به زندگيءَ لاءِ بنه اهم آهي.

جيڪڏهن آلودگيءَ جي ڪري اسان جو ماحول هڪ مقرر حد کان بگڙي وڃي ته اهڙي صورت ۾ ڪيترائي هاڃيڪار اثر ظاهر ٿيڻ شروع ٿين ٿا. ماحولياتي آلودگيءَ جا ڪيترائي ڪارڻ آهن جن ۾ ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ ٻوس ۽ پاڻياٺي مادا ۽ دونهون، شهري علائقن ۾ استعمال ٿيل پاڻي، فالتو مادا، گاڏين مان خارج ٿيندڙ دونهون ۽ مختلف قسمن جو گوڙ ۽ شور وغيره. دونهين جي خارج ٿيڻ سان ڪيترائي ڪيميڪل ذرڙا اسان جي هوا، پاڻي ۽ زمين ۾ شامل ٿي وڃن ٿا، جنهن سان هوا ۽ پاڻيءَ جو استعمال انسانن، جانورن توڙي ٻي زندگيءَ لاءِ سخت هاڃيڪار ٿئي ٿو. ان قسم جي صورتحال کي ماحولياتي گدلاڻ سڏجي ٿو.

## ماحولياتي معيار ڇا لاءِ؟

هنن معيارن تحت ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ زهريلي ٻوس مادي، پاڻياٺ ۽ دونهين کي مخصوص حد تائين رکڻ جي پابندي آهي. ٻين لفظن ۾ ڪٿي ايئن چئجي ته ماحولياتي آلودگيءَ جو ڪارڻ بڻجندڙ ذريعن کي مناسب حدن اندر رکڻو آهي، ان قسم جي ڪوشش جو مقصد ماحول کي وڌيڪ خراب ٿيڻ ۽ آلودگيءَ جو شڪار ٿيڻ کان روڪڻ آهي. ماحوليات ۾ ان قسم جو معيار لاڳو ڪرڻ سان زراعت، چوپايو مال، سامونڊي جيوت ۽ ٻي جيوت کي هاڃيڪار نقصانن کان بچائڻ ۾ وڏي مدد ملندي.

پاڪستان ۾ صنعتي گدلاڻ

١٩٧١ع کان ئي پاڪستان جي ٻن وڏن شهرن ڪراچي ۽ لاهور ۾ صنعتي گدلاڻ هڪ گنڀير صورتحال اختيار ڪري چڪي هئي، ان صورتحال کي اڳ رکندي پنجاب جي گورنر هڪ ڪاميٽي قائم ڪري کيس هدايت ڪئي ته هو لاهور شهر ۾ صنعتون قائم ٿيڻ سان ماحول تي پوندڙ اثرن جو جائزو وٺي، اها ڪاميٽي صورتحال جو جائزو وٺڻ کان پوءِ ان نتيجي تي پهتي ته ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ زهريلا مادا نه رڳو انساني زندگي پر جانورن لاءِ به سخت هاڃيڪار آهن ۽ ساڳئي وقت زمين جي زرخيزي تباهه ٿي وڃي ٿي ۽ ان ۾ پوکجندڙ فصلن کي سخت نقصان رسي ٿو.

١٩٨٣ع ۾ ڪراچي، لاهور، ملتان ۽ ڪن ٻين اهم شهرن ۾ پيدا ٿيندڙ صنعتي گدلاڻ جو تفصيلي اڀياس ڪيو ويو، ان سروي مطابق ڪراچي ۾ واقع پندرهن ڪارخانن مان رڳو چئن ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ مادن ۾ زهريلا ڌاتو ۽ گئس موجود هئا. ڪراچي ۾ ان وقت موجود صنعت جي گدلاڻ جو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ ڪاميٽي ان نتيجي تي پهتي ته انهن ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ زهريلن ٻوس مادن ۽ پاڻياٺ کي مناسب طريقي سان ٽريٽ ڪرڻ کان سواءِ وهائي ڇڏڻ سخت نقصانڪار آهي. ملتان شهر لاءِ قائم ڪيل راءِ ڏيکاري ٿي ته ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ زهريلا مادا ۽ گئس انساني زندگي کان سواءِ جانورن ۽ فصلن لاءِ سخت هاڃيڪار آهي ۽ ساڳئي قسم جي صورتحال جي لاهور ۾ به نشاندهي ڪئي وئي آهي.

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ته ملڪ ۾ ڪارخانن جو انگ به وڌندو ويو جنهن ڪري ماحولياتي گدلاڻ پيدا ڪندڙ ذريعن ۾ بي پناهه واڌارو آيو. جڏهن ١٩٧١ع ۽ ١٩٨٣ع ۾ ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ زهريلن مادن کي ٺاهيڪو ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي ته ان ڳالهه جي ضرورت شدت سان محسوس ڪئي وئي.

## ماحوليات بابت قومي معيارن تي عمل ڪرائڻ جي شروعات

١٩٩٣ع ۾ وفاقي حڪومت هڪ گزيٽ نوٽيفڪيشن ذريعي ماحوليات بابت معيار لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ ان تي عمل پهرئين جولاءِ ١٩٩٦ع کان شروع ٿي چڪو آهي. ٣٢ قسمن جا ٻوس ١٦ قسمن جا گئس ان دائري ۾ شامل ڪيا ويا آهن. معيار لاڳو ڪرڻ جو مقصد آلودگي پيدا ڪندڙ ذريعن کي هڪ مخصوص حد اندر رکي ماحولياتي گدلاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ آهي. نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ وقت اهو فيصلو ڪيو ويو ته جيڪي صنعتي يونٽ پيداوار ڏيئي رهيا آهن، سي پهرئين جولاءِ ١٩٩٦ع کان مقرر ڪيل معيار تي عمل شروع ڪندا، جڏهن ته جيڪي يونٽ ان تاريخ کان پوءِ پيداوار ڏيڻ شروع ڪندا تن تي هڪ سال جي عرصي ۾ عمل ڪرڻ جي پابندي لاڳو ڪئي وئي.

ان حقيقت جي ضرورت ١٩٨٣ع ڌاري مٿي ڄاڻايل مطالعاتي رپورٽن جي اچڻ سان محسوس ڪئي وئي، اهو اڀياس پاڪستان جي مڪاني ماهرن طرفان ڪيو ويو، جيڪي ملڪ جي ماحوليات، صنعتڪاري ۽ قومي مالي وسيلن بابت ڀلي ڀت واقف هئا. تفصيلي اڀياس ڪرڻ کان پوءِ انهن ماهرن پاڻياٺ جا ١٥ قسم ۽ گئس جا ١١ قسم ان دائري ۾ شامل ڪيا. ان کان پوءِ رانا سعيد جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ڪيل ماهرن جي ڪاميٽي ان ۾ ٢٧ پاڻياٺ ۽ ١٥ گئس جا قسم شامل ڪيا. انهن رپورٽن جو هڪ ٻيرو وري امپيريل ڪاليج جي ڊاڪٽر روگر پيري جائزو ورتو ۽ ان ۾ ٣٢ قسمن جا پاڻياٺ ۽ ١٦ گئس جا قسم شامل ڪيا.

## قومي معيارن تي عملدرآمد

سرڪاري ۽ خانگي شعبي ۾ هلندڙ صنعتي يونٽن کي اخبارن، ريڊيو، ٽي وي، سيمينارن ۽ ورڪشاپن ذريعي قومي معيارن تي عملدر آمد بابت آگاهه ڪيو ويو ۽ ان ضرورت بابت عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪئي وئي، پر بدقسمتيءَ سان مقرر تاريخ تائين ان تي عمل شروع ڪرڻ لاءِ عملي طور قدم نه کنيو ويو. مقرر تاريخ کان صرف ٻه ٽي مهينا اڳ صنعتڪارن حڪومت سان رابطو ڪيو ۽ قومي معيارن جي عملدرآمد جي سلسلي ۾ ڪين پيش ايندڙ ڏکيائين ۽ رڪاوٽن بابت پنهنجي مؤقف کان آگاهه ڪيو. صنعت ڪارن جي راءِ هئي ته ان تي عمل ڪرڻ لاءِ ڪين پنهنجن يونٽن ۾ ٽريٽمينٽ پلانٽ لڳائڻا پوندا، جن لاءِ ڪافي رقم ۽ وقت درڪار آهي.

## ڪاميٽي جو قيام:

ماحوليات بابت مقرر ڪيل معيارن جي مناسب هئڻ بابت ڪن حلقن پاران ڪجهه اعتراض اٿاريا ويا، جن کي ختم ڪرڻ لاءِ

ماحوليات جي وزارت طرفان جناب شمس قاسم لاکو جي اڳواڻيءَ ۾ ماهرن جي هڪ ڪاميٽي قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ حڪومت، صنعتڪارن، ماهرن، غير سرڪاري تنظيمن ۽ ٻين واسطيدار شهرين کي نمائندگي حاصل هئي. هن ڪاميٽي کي هدايت ڪئي وئي ته هو قومي معيار تي صحيح معنيٰ ۾ عمل ڪرائڻ لاءِ مناسب طريقو ڳولي لهي، ان سان گڏ ان مقصد لاءِ گهربل مالي وسيلن جو جائزو به وٺي. ان ڪان سواءِ ماهرن جي هڪ ٻي ڪاميٽي کي هدايت ڪئي وئي ته هو صنعتڪارن طرفان ملندڙ موٽ جي روشنيءَ ۾ مختلف معيارن جو ميرٽ جي بنياد تي جائزو وٺي، ڪاميٽي اڃا تائين هن سلسلي ۾ ڪم ڪري رهي آهي.

حڪومت ۽ صنعتڪار اصولي طور ان نتيجي تي پهتا آهن ته جيڪو ادارو يا يونٽ ماحولياتي آلودگي پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو، ان کي آلودگي ختم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ماحولياتي معيارن بابت قائم ڪيل ڪاميٽي ساڳئي پاليسيءَ تي عمل ڪندي سفارش ڪئي آهي ته آلودگي پيدا ڪندڙ ادارن تي ٽئڪس لاڳو ڪيو وڃي، جيستائين اهي صنعتي يونٽ ماحوليات بابت مقرر ڪيل معيارن مطابق پنهنجا يونٽ هلائين. ان قسم جي وصوليءَ جو مقصد انهن صنعتي يونٽن کي ماحولياتي آلودگي گهٽائڻ تي مجبور ڪرڻ آهي. ان مقصد کي ماڻڻ لاءِ مختلف تجويزون تيار ڪيون پيون وڃن.

(١) صنعتي يونٽن مان پيدا ٿيندڙ آلودگيءَ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ انهن تي چارج لاڳو ڪئي ويندي، ان عرصي دوران جيڪڏهن ڪنهن صنعتي يونٽ پاران ٽريٽمينٽ پلانٽ لڳائڻ تي عمل شروع ٿي چڪو آهي ۽ ٥٠ سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي ته اهڙيءَ صورت ۾ انهن صنعتي يونٽن لاءِ مقرر ڪيل ٽئڪس جي وصولي هلندڙ مالي سال تائين ملتوي ڪئي ويندي، جيڪڏهن ڪو صنعتي يونٽ پنهنجي اخراج کي قابل قبول حدن اندر رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي ته ان کان ورتل رقم واپس ڪئي ويندي.

(٢) پائدار ترقيءَ واري پاليسين جي اداري جون سفارشون:

هن اداري سفارش ڪئي آهي ته روايتي صنعتي يونٽن تي ماحولياتي گدلاڻ ختم ڪرڻ تي ايندڙ خرچ جو اڌ ٽئڪس جي صورت ۾ وصول ڪيو وڃي. ايندڙ سالن ۾ اها رقم هيٺ ڪئي وڃي، ان قسم جي سفارش جو مقصد هڪ چڱي خاصي رقم گڏ ڪرڻ آهي ته ماحول کي صاف ۽ سٺرو رکڻ ۾ مدد ملي سگهي. ان صورتحال ۾ ان ڳالهه جو غالب امڪان آهي ته صنعتي يونٽ ماحولياتي گدلاڻ پيدا ڪرڻ جو ٽئڪس ادا ڪرڻ بدران ماحول کي تحفظ فراهم ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا.

### ٽرسٽ فنڊ

ماحولياتي آلودگي، پيدا ڪرڻ تان وصول ٿيندڙ رقم ٽرسٽ ۾ جمع ڪئي ويندي، جنهن جو انتظام حڪومت ۽ صنعتڪار گڏجي هلائيندا. اها رقم ماحول جي تحفظ لاءِ شروع ڪيل رٿائن تي خرچ ڪئي ويندي.

اهي سڀ ڳالهيون ظاهر ڪن ٿيون ته ماحول جي قومي معيارن بابت سنجيدگيءَ سان ويچار ڪيو پيو وڃي، ان ڏس ۾ اطمينان بخش ڳالهه اها آهي ته حڪومت، صنعتڪارن ۽ ٻين دلچسپي رکندڙ ادارن ۽ غير سرڪاري تنظيمن وچ ۾ مسلسل ڳالهيون ۽ بحث هلي رهيا آهن ته جيئن هن قومي مسئلي جو پائدار ۽ اثرائتو حل ڳولي سگهجي ۽ جنهن تي عمل ڪري هيءَ وڏو مقصد ماڻي سگهجي.



جونيئر 'شهري'

# ماحولياتي ڪلب



ٻارو! جيئن ته توهان سڀني کي خبر آهي ته بهتر رابطي ۽ جونيئر 'شهري' جي مختصر ۽ طويل مدت وارن منصوبن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ مختلف ماحولياتي ڪلبون قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. جونيئر 'شهري' جي ان سرگرميءَ جو جواب گهڻي گرمجوشي سان مليو آهي. جونيئر شهري نه صرف ميمبرشپ وڌائڻ واري مهم ۾ ڪامياب رهيو آهي، پر مقامي اسڪولن جا شاگرد به ان نيڪ ڪم ۾ شريڪ ٿي ويا آهن. ٻارڙن جي شرڪت سان چند پروجيڪٽ سرگرميون اڳ ئي شروع ڪيون ويون آهن. انهن تجرباتي سرگرمين جا نتيجا تمام گهڻا مثبت ۽ اميد افزا رهيا آهن.

ٻارن صحت جي متعلق هڪ انتهائي معلوماتي سروي بهارآباد فوڊ مارڪيٽ ۾ ڪيو. جنهن دوران انهن کي خبر پئي ته وينڊرز ۽ دڪاندار ڪيترين ئي غذائي شيون غيرصحتمند انداز ۾ وڪرو ڪن ٿا. ٻارڙا جيڪي پنهنجي استادن ۽ شهري ڪوآرڊينيٽر سان گڏ هئا، مارڪيٽ گهميا ۽ صحت جي باري ۾ سڌي سنئين معلومات حاصل ڪيائون. انهن کي هدايو ويو ته ڪهڙيءَ طرح اهڙيون شيون انهن جي صحت کي بري طرح متاثر ڪن ٿيون ۽ ڪين انهن کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

هي سرگرمي وڻ پوکڻ ۽ ان لاءِ تربيت جي مهم هئي، جيڪا گذريل مهيني اوورسيز پاڪستانيز بنگلوز بلاڪ ١٧- ١٦ گلستان جوهر کان شروع ڪئي وئي. ان مهم جو مقصد ٻارن ۾ وڻن جي اهمت جو شعور پيدا ڪرڻ هو. ان کان سواءِ شهرين کي به وڻن پوکڻ جي صحيح طريقن ۽ ٻوٽن جي سارسنڀال جي تربيت ڏني وئي.

ٻيا مختلف دلچسپ پروجيڪٽ شروع ٿيڻ وارا آهن، جن ۾ صحت ۽ صفائيءَ جو شعور پيدا ڪرڻ جو پروگرام، وڻن پوکڻ جي مهم، سماجي ۽ ماحولياتي مسئلن تي عملي ۽ معلوماتي سروي رپورٽن جي تياري، ٿيٽريڪل پرفارمنس، پارڪن ۽ سمنڊ جي ڪناري جي صفائي لاءِ مهم، پينٽنگ مضمون نگاري ۽ تقريري مقابلا وغيره. جونيئر صحافي تمام جلدي اهم شخصيتن کان انٽرويو ڪندا. تحقيقاتي رپورٽون، فيچرز ۽ تعارف مرتب ڪندا، جيڪي جونيئر شهري جي صفحن ۾ ڇپجندا.

انهن ٻارن لاءِ جيڪي انهن دلچسپ سرگرمين ۾ شريڪ ٿي تفريح سان گڏوگڏ ڪجهه سکڻ چاهين ٿا، شرڪت جو هڪ عمدو موقعو آهي. اسان انهن سڀني کي ڀليڪار چئون ٿا، جيڪي جونئر شهري تجربي ۾ شامل ٿيڻ چاهين ٿا.

